ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19

ماخذ تحقیقی مجلہ

OPEN ACCESS

CC BY NC

ڊاڪٽر شفيق احمد شاهاڻي:
اسسٽنٽ پروفيسر جي سي يونيورسٽي حيدرآباد
عبدالقدوس حسن راشد
ليڪچرر ۽ انچارج چيئرپرسن،اردو شعبو،جي سي يونيورسٽي حيدرآباد
ڊاڪٽر عدنان ملڪ
اسسٽنٽ پروفيسر،اسلامڪ اسٽڊيز شعبو،جي سي يونيورسٽي حيدرآباد

# شيخ عبدالرّحيم گرهوڙيءَ جي ڪلام ۾ محاورن جو استعمال:هڪ تحقيقي اڀياس

**Dr. Safique Ahmed Shahti***
Assistant Professor, GC University Hayderabad.
**Abdul Qudus Hassan Rashid**
Lecturer Incharge Chairperson Department of Urd, GC University Hyderabad.
**Dr. Adnan Malik**
Assistant Professor, Department of Islamic Studies, GC University Hyderabad.

***Corresponding Author:** shafiqshahani4@gmail.com

## Use of Proverbs in the Poetry of Shaikh Abdul Rahim Girhorri

Shaikh Abudal Raheem Girhorri Mangreio was a prominent poet of Sindhi. He was follower of Pir of Lanwari Sultan-ul-Oliah Muhammad Zaman Lanwaari Waro. Who is also a classical poet and contemporarily of shah Abdul Latif Bhitai. He is the writer of many books. Mysticism is main subject in his poetry. His poetry collection `Shaikh Abdur- Raheem Girhorri jo kalam` had published in 2004 , Complied by Shamsul Ulmau Dr. Umar bin Muhammad Dawood potta. He has Quranic verses, Hadeeth and usage of beautiful and

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19
ماخذ تحقیقی مجلہ

suitable proverbs in his poetry. In this article we have analysis some of proverbs used in his poetry.

**Key Words:** *Prominent, Mysticism, Contemporarily, Proverb.*

شيخ عبدالرّحيم گرهوڙي مڳريو سنڌ جو يگانو شاعر، عالم ۽ شهيد ٿي گذريو آهي. پاڻ نقشبدي سلسلي ۾ لنواريءَ واري سائين سلطان الاوليا محمد زمان لنواريءَ جو مريد ۽ معتقد ٿيو.ناليوارو شاعر ۽ ڪافي ڪتابن جو ليکڪ پڻ هو. ظاهري تعليم ميان مبين ڪيريو کان حاصل ڪيائين. سندس شاعريءَ جو مجموعو ( شيخ عبدالرّحيم گرهوڙيءَ جو ڪلام) جي نالي سان ٢٠٠۴ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيوجنهن جو موئلف، شمس العلماءُ عمر بن محمّد دائود پوٽو آهي. سندس ڪلام ۾ قرآني آيتون، حديثون ۽ ٻين عبارتن کان سواءِ محاورن جو پڻ بهترين استعمال ٿيل آهي. جيڪي نروار ڪري مقالو جوڙيو ويو آهي. اميد ته ڪارگر ثابت ٿيندو.

**شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي ڪلام ۾ محاورن جو استعمال**

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن پنهنجي ٻوليءَ جي حفاظت ڪندي پاڻ ملهايو آهي. وٽن عوام جي جذبات جي پوري پوري پرک هئي. ڇو ته هنن جو عوام سان گهرو واسطو پئي رهيو آهي. خاص ڪري ديني حوالي سان هو عوام جي هميشه پيا اصلاح ڪندا هئا. تنهن ڪري وٽن ماڻهن جا ميڙ پيا گڏ ٿيندا هئا. اهي ماڻهو پنهنجي سماجي ، سياسي، معاشي توڙي ديني ۽ دنياوي رهنمائيءَ لاءَ وٽن ڪهي ايندا هئا. اهڙي طرح ٻوليءَ جو ذخيرو پئي ٿيندو هو. ۽ اهي هن ڪي شعري انداز ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندا هئا. ۽ وقت سر ٿيندڙ حالتن پٽاندڙ اهي ڪچهرين. واعظن توڙي خط و ڪتابت، بحث و مباحثي ذريعي پيغام رسائي پيا ڪندا آهن. ان ريت وقت سر حالتن آڏار محاورن جو پڻ استعمال ٿيو آهي. جنهن ڪي شاعر به پنهنجي شاعري ۾ پئي استعمال ڪيو آهي. جنهن سان ٻولي ۽ مقصد حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿي پئي آهي. ۽ نواڻ سان گڏ ٻين ٻولين جا لفظ پئي استعمال ٿيندا آيا آهن. اهڙن عالمن مان سنڌ جو برک عالم ۽ شاعر شيخ عبدالرّحيم گرهوڙيءَ جو نالو ڳڻي سگهجي ٿو. سندس شاعري ۾ آيل محاورن جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

سڀ کان پهرين محاورن جي معنيٰ لاءِ لغتن جي مدد وٺبي ۽ ان کان پوءِ ماهرن جي راءِ آڏڻ ب لازمي سمجهون ٿا. تنهن کان پوءَ گرهوڙيءَ صاحب جي ڪلام ۾ استعمال هيٺ آيل محاورن جو اپياس پيش ڪيو ويندو. جنهن مان هيٺيان مقصد حاصل ڪري سگهجن ٿا.

١ ٻوليءَ جو نجپٽو
٢ ذخيره الفاظ
٣ تحقيق ڪندڙن لاءِ تحقيق جي راهه کلي پوندي ۽ تحقيق توڙي ادبي ڪم روان دوان رهي سگهندو
۴ شاعر جي عظمت اجاگر ٿيندي

محاورا لغت جي نظر ۾

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19
ماخذ تحقیقی مجلہ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:
محاورو: ذ(ع) اهو جملو يا گفتو جيڪو لفظي معنيٰ جي بدران ٻي معنيٰ ۾ ڪم اچي، روزمره جي ٻولي، گفتگوءِ، مشق، استعمال، آزموده.“ (بلو،٢٠١٧ع،ص٦١٢)
عبد السّتار بلوچ:
محاورو: ذ(ع) اهو جملو يا گفتو جيڪو لفظي معنيٰ جي بدران ٻي معنيٰ ۾ ڪم اچي، روزمره جي ٻولي، گفتگوءِ، مشق، استعمال، آزموده.“ (بلوچ،٢٠٠٦ع،ص٧٤١)
عبد لرّشيد ميمڻ:
محاورو: ذ(ع) اهو جملو يا گفتو جيڪو لفظي معنيٰ جي بدران ٻي معنيٰ ۾ ڪم اچي، روزمره جي ٻولي، گفتگوءِ، مشق، استعمال، آزموده.“ (بلوچ،٢٠٠٦ع،ص٦٧٦)
ڊاڪٽر الطاف جوکيو:
”محاورو[{ l محاورو، مفاغله،مصدر ( حَوَرَ، حَار= هن موٽائي ڇيو) ڪنهن ڳالهه جي موٽ ڏيڻ ، ڳالهه ٻولهه ڪرڻ،] ڳڏيل گفتگو، روزمره جي گفتگو لهجي جي احاطي جو حصو/لهجو اهڙي جملي جو جز جيڪو پنهنجي اکري يا لغوي معنيٰ ۾ڪم اچي. ڳالهه ٻولهه لاءِ تڪيل توريل جملي جوجز.گفتگوءَ ۾ پختي ترڪيب جيڪا سڌي سئين معنيٰ ڏئي“. ( جوکيو، ٢٠٢٢ع،ص ٢٢٤)
ڊاڪٽر الطاف جوکيو:
فارسي مصدرن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال واري سري هيٺ هن طرح لکيو آهي:
”محاوريدار: [{ ع+ ف} محوره ( لهجي آهر ڳالهه ٻولهه ڪرڻ) داشتن(رکڻ) ٻوليءَ جا اهم گفتارڪندڙ عام، رواجي لفظ رکندڙ، اصطلاحي ٻولي رکندڙ.“ ( جوکيو، ٢٠٢٢ع،ص٣١٩)
هن مٿي لغتن جي نظر ۾ معنيٰ پيش ڪرڻ کان پوءِ ماهرن جي راءِ ڏني وڃي ٿي.
ڊاڪٽر نور افروز خواجه مطابق ته: ” اصطلاح“ اهو لفظن جو ميڙ آهي، جنهن کي فاعل ۽ مفعول نه هجي ” اصطلاح“ جي لغوي معنيٰ عربيءَ ۽ انگريزيءَ ” usage conversations“ ۽ سنڌي ۾ چاڻ آهي.
اصطلاح جي سمجهاڻي هي آهي ته: ڪنهن خاص لفظ کي اصل معنيٰ کان الڳ ڪري اهل زبان ڪنهن خاص مقصد لاءِ استعمال ڪري، انهيءَ کي ” اصطلاح“ چئجي ٿو. اڪثر اهڙا لفظ محاوري جي صورت اختيار ڪندا آهن.
”اصطلاح“ در حقيقت هڪ اشارو آهي، جيڪو خيالن جي مجموعي ذانهن ذهن کي منتقل ڪري ٿو.( خواجه، ٢٠٠٥ع، ٥٨٧) سنڌي ادب ۾ ڊاڪٽر نور افروز خواجه صاحبه محاورن اصطلاحن بابت وڌيڪ فرمائي ٿي ته: اصطلاح هر وقت ٻوليءَ ۾ ايندا رهندا آهن. ڇاڪاڻ ته وقت جي ضرورت خودبخود ئي

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19

ماڻهن کي اصطلاح گهڙڻ ۽ انهن کي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪرڻ تي آماده ڪندي آهي. دنيا جي ڪابه زبان اصطلاحن کان خالي نه آهي، هر زبان ۾ هزارين اصطلاح موجود آهن. ( سنڌي ادب، ١٩٨٩ع، ص٢٣٩)

ڊاڪٽر عبد الجبّار جوڻيجي جي چوڻ موجب: جيڪڏهن ڪو فقرو معنوي لحاظ کان ورتل معنيٰ ڏي ته اهو اصطلاح آهي. ” “ جيئن” باغ باغ ٿيڻ“ (جوڻيجو، ٢٠١٠ع، ص ٣٤٠)

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي مطابق ته: ” محاورا يا اصطلاح“ ٻئي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جيڪي فارسيءَ ۾ ڪتب ايندا آهن. اهي لفظ پوءِ اردو، هندي، سنڌي، پنجابي، ڪشميري، ۽ ٻي ڪن ٻولين ۾ به مروج ٿي ويا آهن. محاورو لفظ جو عربيءَ ۾ اچار آهي. ” محاورت“ اهو ” حاور“ يا ” حور“ فعل مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ آهي موٽائڻ، ورندي ڏيڻ (جيٽلي،٢٠٠٤ع، ص ٥٤)

ڊاڪٽر روي پرڪاش موجب، ” محاورا يا اصطلاح “ ٻئي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن. جيڪي فارسيءَ ۾ ڪتب ايندا آهن. اهي لفظ پوءِ اردو، هندي، سنڌي، پنجابي، ڪشميري، ۽ ٻي ڪن ٻولين ۾ به مروج ٿي ويا آهن. محاورو لفظ جو عربيءَ ۾ اچار آهي. ” محاورت“ اهو ” حاور“ يا ” حور“ فعل مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ آهي موٽائڻ، ورندي ڏيڻ. ( ٽيڪچنداڻي، ٢٠١٠ع، ص ٨٥)

هنن مٿي بيان ڪيل وصفن کان پوءِ نتيجو هي نڪري ٿو ته محاورو يا اصطلاح ساڳي معنيٰ رکن ٿا. اهي ٻئي لفظ عربيءَ جا آهن. محاورا معنيٰ موٽائڻ يا ورندي ڏيڻ اصطلاح جي معنيٰ موافق يا سئو يا وٺندڙ آهي. يعني ته اهڙا وٺندڙ لفظ جن جي مطلب واري معنيٰ آسانيءَ سان سمجهي ويندڙ هجي ۽ ورندي ڏيندڙ پوريءَ ريت سمجهي سگهي، جيڪا تجربن کان پوءِ مستقل طور استعمال ٿيندڙ هجي.

جناب جيٽلي روي پرڪاش صاحبان، پلاٽس جي حوالي سان سندس اردو، هندي ڊڪشنريءَ ۾ اصطلاح جي معنيٰ هن ريت ڪئي آهي. ” لفظي ميڙ، فقرو، محاورو، ٻوليءَ ۾ استعمال، ڪا مقبول معنيٰ، مروج ٽيڪنڪي لفظ. (جيٽلي، ٢٠٠٤ع،ص ٥٤)

ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو، ٻولي محاوري ۽ لهجي جو عمومي اڀياس، واري عنوان ۾ گريسن جي حوالي سان لکيو آهي ته: ” گريسن جي اترادي محاوري کي محاوراتي درجو نه ڏيڻ واري صورتحال تي هدايت پريم سندس ئي حوالن مان اهو ثابت ڪيو ته اترادي هڪ محاورو آهي. ۽ لغت جي اعتبارکان وڏيڪ شاهڪار ۽ گرامر جي قائدن ۽ قانونن جي ٻي مثال پختگيءَ جو حامل آهي. جنهن ۾سنڌي ٻوليءَ جي ٻين محاورن جي ڀيٽ ۾نهايت قيمتي مواد موجود آهي (سنڌي ٻولي، ٢٠٠٠ع، ص ٨٤)

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19

ورجيس: محاوري ۽ پهاڪي کان پهرين ورجيس ٻولي جي بنيادي حسناڪي آهي. محاوري ۽ ورجيس ۾ وار جيترو تفاوت آهي .ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، جامع سنڌي لغات ۾ ورجيس جي معني ،”اسم،رواج ،عادت،خيال،فڪر،سينگار جو شوق سان گڏ صرفو،مرجات ۽ اصطلاح ڪري ڏني آهي“ (بلوچ،2007ع:ص،511)

پيرومل مهرچنداڻي،ڪتاب 'گلقند' ۾ اصطلاح ۽ ورجيس کي هڪ ڪري ڄاڻايو آهي.هن لکيو آهي ت ، ”اصطلاح يا ورجيس ان کي چئجي ٿو،جنهن جي اکري معني هڪڙي ۽ رواج موجب ٻي هجي“ ( جيٽلي،2004ع:ص.27)

ڊاڪٽر مرليڌرجيٽلي،ڪتاب ’سنڌي پهاڪا ۽ محاورا‘ ۾لکيو آهي ت،”انهيءَ ۾ شڪ ن آهي ت سڀني عالمن اها ڳالهه مڃي آهي ت پهاڪا يا چوڻيون،محاورن(اصطلاحن) يا ورجيسن کان الڳ آهن.“ (جيٽلي،2004ع:ص:27) هن ورجيس جا مثال ڏيندي،”چور چڪار،وهٽ واٽو، پاڙو پٽو،چڊو پاڻو،ڳجهه ڳوهه، گهٽوٽٽو، ٻڪ شڪ وغيره“ جهڙا لفظ ڏنا آهن.(جيٽلي،2004ع:ص:26)

هڪ سماج جي ٻوليءَ ۾ورجيس محاوري ،اصطلاح،چوڻين ۽پهاڪن جي ڏاڪي ب ڏاڪي ارتقائي صورت آهي ۽اصل بنياد آهي.اصل ۾ 'ورجيس' ٻوليءَ ۾ لفظن جوهڪ تجنيسي معني دارُ حسناڪ ورجاءُ آهي،جيڪو لفظن جي جوڙ جڪ تي آڌاريل آهي.

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي جي ڪلام ۾ آندل ڪجهه محاورن جو تحقيقي جائزو

آهڙ اجهائڻ: وڏي باهه کي وسائڻ،معاملن کي ٿڌو ڪرڻ

” پيڙي طوفان نڱئي، نرمل جي نّظارا،
احمد ابراهيمَ جا ، آڙهه اُجهايا“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۷۵)

اڄ مرڻ: اجايل رهڻ، ڪنهن جي سڪ ۾پريشان رهڻ

اندر آڻي اُڄَ مري، ڦاٽي فراقا“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۸۴)

اداس ٿيڻ: مايوس ٿيڻ،پريشان ٿيڻ

” وجهل ان وطن جي، منڪي ماريو ماءُ '
انئي پهر اداس ۾، ڳري ماهُ مٺانءِ.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص 69)

اگلا اگهڻُ: ميراڻ کي صاف ڪرڻ،اجرو ڪرڻ ،پنهجو ڪرڻ

پلئه لڳي پرينءَ جي، اگلا سپ اَگهيا،
صحبت پرينءَ جي، ڪلي عيب ڪٽيا.

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19


(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،76)

اوراھون رھڻ: اورتي رھڻ،اورين پر رھڻ
عقل اوراھون رھي، احمد عالي جاءِ،
حد حسن جي ناھ ، ڪا قريشيَ ڪمالا.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۷۰)

اونداھ ٿيڻ:سخت مايوسي ٿيڻ،نا اميد ٿيڻ
” سچي سونهن شفيعَ جي ،ٻين هوتَ هٿان،
وما ارسلناڪ اِلاَّ رحمت اللِعٰلمينَ احمدِ ري اونداھ“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۷۳)

ٻيائيءَ ٻنِ پوڻ: دوئيءَ جو ڪڏ ۾ وجي پوڻ،غرور ۾ڪرڻ
” گندي ماني موھيا، فنا پيءِ ڦرڪنّ،
دوستي دنيا جي، وڏا ٻيائيءَ ٻنّ
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۱۲۱)

ترھو ٻڌڻ: تري اڪرڻ،ٻئي پار وڃڻ جي جاکوڙ ،مصيبت مان نڪرڻ جا جتن ڪرڻ
” جيري جنگ درياھَ سين، مرئا مرتس هلن،
توڪل ترھو مومنين، امن اخلاصن.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۱۱۱)

پاچولا پسڻ:حقيقت ن ڏسڻ، اوجهڙ ڏسڻ
” اھي ڏسن ان ڪي، جي ان ڏيھ ويا،
ٻيا سپ سٽين ڳالهيون، ڪي پسن پاچو،يا.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۶۸)

پارس ٿيڻ:اھڙو پٿر جيڪو ٻين کي سون ڪري ڇڏي
” بابوءَ بوءِ بشير جي، سنگهندي سونُ ٿيا،
لوڪ ڇڏيائون لوھ جو، ٿيا پارسُ پاڙيجا.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۷۴)

پاڻ پسائڻ: پاڻ کي ظاھر ڪرڻ،پنهنجو درشن ڪرائڻ
” مولا وطن ميڙيين، ڪلمو ڏي قلبَا،
پاڻ پسائي اکيين، پاڙي پرينءَ رھاءِ.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۸۷)

پُر ٿيڻ: ڍائجي وڃڻ،بک اڃ جو لهي وڃڻ
” پيرُ سندانِ پَٽَ تي، اين اوتارا،
حقيقت حبيب جي، پسندي پرُ ٿيا.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۷۴)

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19



پراهون هئڻ: پرتي هئڻ،ڏور هئڻ
” تيلانه دوزخُ مومنين، دنيا جو دارا،
کن في الدّنيا کانَّکَ غريب، اوعابُر سبيل،
پرين پراهون آهِ.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۶۷)
پلر پيئڻ: پاڪ ۽ صاف پاڻي،پاڪ ۽ صاف پاڻي پيئڻ وارا’پلر پياڪو ‘
” پلر پياڪو سُپرين، سانگي سَلمَ جا،
جهچان جهوري تن جي، ڳلن سِرِ ڳوڙها.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۶۹)
پورُ پَسَڻُ: ڏک ڏسڻ،درد ملڻ،گوندر ۾ پوڻ
” پور پسڻ منجهه ڪٺيان، حقيقت حمدنِ،
جو اصل پهتو آدمي، ته پورا پنڌ ٿين.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۱۰۰)
جهڇي پوڻ: جهوريءَ ۾ پوڻ، ڳڻتي ۾ پوڻ
” پلر پياڪو سپرين، سانگي سَلمَ جا،
جهچان جهوريَ تنِ جي، ڳلن سر ڳوڙها.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۶۹)
چاڳ چلڻ: ناز نخري سان هلڻ، مغروري ڏيکارڻ
” ڳڌه ڪيري قيد ۾، ماڙهو چاڳ چلن،
بچو بهشت نه وڃي، نيڪ نه منجهه نارنِ“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۱۰۲)
چَتون چانگارڻ: طوطي واري بولي بولڻ
” استخارنِ جي علم جو، وجهه نه ويچارنِ،
پڙهڻ پروڙڻ ري، ڪر چَتُون چانگارين“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص ۱۲۲)
چنڊ چمڪڻ:حسن جو جلوو ڏسڻ،سونهن پسڻ
” پاڻي، چنڊُ چمڪيو، ته ايَ آهي سونهَ اپن،
بُجَهڻ وارن بجهيو، بجهيو تان نه بينِ“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۹۴)
چور ٿيڻ:ذرا ذرا ٿيڻ،ٽڪجي پوڻ،پور پور ٿيڻ
” جهڙا نبيَ سچلا، ڪِ شهيد صالحَ هونِ،
ڪي هلٽا، ڪي ڏسٽا، ڪي چکيو چور ٿين.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۱۱۶)
دلاسا ڏيڻ: دلداري ڏيڻ،آٿت ڏيڻ

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19

” بک ريءَ ڪاج نہ ڪائجي، صحتين ويچ کِها. ؟
لا تيئسوا من روحِ اللّهِ: ڏي دل کي دلاسا.“
(دائودپوتو،۲۰۰۴ع،ص۸۶)

ڏک پسڻ:ڏکيا ڏينهن ڏسڻ،تڪليف ۾ اچي وڃڻ
” هن رضا ۾ راحتون، هوءِ ڏک پسن،
ٿي آهي پَڇَرَ واٽ جي، پنهي فريقن،
غفلت، ظلم، ڪوڙيون، ڪارڻ پنيرن:“
(دائودپوتو،۲۰۰۴ع،ص۹۰)

ڏور ٿيڻ: پري ٿيڻ،فراق ۾ اچڻ،جدائي ٿيڻ
سيڪنه سگُ نفس سين پيُ پٽِن،
نا مرادي نفس جي، ڏٺي ڏور ٿين.“
(دائوديوتو،۲۰۰۴ع،ص۱۰۵)

ڏوري ڏسڻ: پنڌ ڪري وجي ملڻ،سفر ڪري وجي درشن ڪرڻ،ڪشالا ڪري وجي ملڻ
” علم مڙوئي ان کي، امر ملڪ منجهہ پسنِ،
سي ڪا طرح ملڪ ۾، ڏوريندڙ ڏسن“
(دائودپوتو،۲۰۰۴ع،ص۹۶)

راضي ٿيڻ: مهربان ٿيڻ،ٻاجهاروٿيڻ،عنايتون ڪرڻ
. رضوان من اللّهُ اڪبرُ: رضا راه سندُنِ،
رضي اللّه عنهُمُ ورضوا عنهُ, ايڏا طالع تن.“
(دائوديوتو،۲۰۰۴ع،ص۱۱۶)

رنگ ڪرڻ:خوشيون ڏيڻ،خوشحالي عطا ڪرڻ،وسڪارو ٿيڻ
” لالڻ سندي لِڪڙيءَ، رحمت رنگ ڪيا.“
(دائودپوتو،۲۰۰۴ع،ص۷۲)

ساجهہ ٿيڻ:ڏاهپ جو اوج وٺڻ،سمجهو ٿيڻ،هوشمند ٿيڻ
حقيقت حبيب جي، عجب جهڙي آهہ،
جامعُ لَيْلَ نهار کي، شفق جي ساجاءِ.“
(دائوديوتو،۲۰۰۴ع،ص۷۰)

ساهہ سبڻ:روح جو تعلق،متي مائٽي ۽ رشتيداري
” قادرٍ ڪوٺُ قِتائيين، عُمَرَ جو آگا!
تہ پسان پاڙيچن کي، جن سين سبيو ساهُ)
(دائودپوتو،۲۰۰۴ع،ص۸۴)

ساهُ صدقو ڪرڻ: قربان وڃڻ،جان گهورڻ،تمام گهٽي اڪير ۽ اڪنڌ سان ملڻ
” دوئي ڇڏيو دوست سينِ، واري صلح واءُ،

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19
ماخذ تحقیقی مجلہ

گھر تڙ گھوري جندڙو، صدقو ڪري ساهُ.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۷۵)
سڪ لڳڻ: گهري چاهت پيدا ٿيڻ،محبت ۽ عشق جو اتم جذبو
” جان تو سڪَ شفيع جي ،تان لاڳاپا سڀ لاهه،
دنيا دار نہ درس جو، نڪر تنهن نجهرا.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۶۸)
سون ٿيڻ:اهڙو ٿيڻ جنهن ۾ تر جيترو ب شڪ نه هجي،نج ۽ نبار انسان بڻجڻ،بي مثال انسان هجڻ
” بابو بوءِ بشير جي، سنگهندي سون ٿيا،
لوڪ چڙيائون لوهه جو، ٿيا پارس پاڙيچا.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۷۴)
ڪڙو ٿيڻ:رشتو خراب ڪرڻ،دوستي وڃائڻ
” ڪوه ڪريان، ڪيڏانهن وڃان، منهنجي وس ڪا،
جان ڪچان تان ڪڙي ٿيان، صبر ۾ وه ساءُ.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۸۵)
ڪنڌُ نوائڻ:عاجزي اختيار ڪرڻ،نوڙت ۽ نماڻائي جي واٽ وٺڻ
” وڻ وسيلو جَنِ ڪيو، ڪرت تن ڪاٽين،
جن ڪنڌ نايو قادرَ اڳيان، تن باهيون باغ ٿين.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۱۱۰)
ڪکيون هئڻ: ڏپ وارو هئڻ،بدبودار ٿيڻ
” ڪيهو سَبَرَ سنگ ري، مرتيو ميئن
ڪکيون ڪاريون خان ري، ڪهو قدر لهن.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۹۱)
گوندر وڃڻ:ڏکن جو وڃڻ،غمن جو زمانو ختم ٿيڻ
” بشرَيٰ مڙيا بودلا، گوندر سڀ گيا.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۷۴)
ڳوڙها ڳاڙڻ:هنجو هارڻ اکين مان آب هارڻ
” لکيولوڙيان جيڏيون،ڳاڙيان ڳل ڳوڙها،
ٿورا ٿاريلن جا ، ساريو مران ماءُ.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۸۴)
لکيو لوڙڻ:نصيب ۾ آيل مصيبت برداشت ڪرڻ،قسمت ۾ لکيل ڏکن ۾ گزارڻ
” لکيو لوڙيان جيڏيون، ڳاڙيان ڳل ڳوڙها،
ٿورا ٿاريلن جا، ساريو مران ماءُ.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۸۴)

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19
ماخذ تحقیقی مجلہ

لنگھڻ گھارڻ:بک ۾ گزارڻ،بنا مانيءَ جي وقت ڪاٽڻ
” ڏک مٿا ان ڏيھ جا، سھسين سک نيئان،
لنگھڻ گھارڻ گھر ۾، ڪوءِ پلاءُ پَرَ ڏيھا.“
(دائودپوٹو،۲۰۰۴ع،ص۸۳)

لنئون لائڻ:محبت جي رشتي ۾ ٻڌجڻ،پيار ڪرڻ
” تبارڪَ الَّذي بيدِه المُلْڪ: واحد وڏو ٻجھن،
مُلڪ مڙو جنھ ھٿ ۾، ورُ تنھ سين لنئون لائين.“
(دائودپوٹو،۲۰۰۴ع،ص۹۳)

ماتِ ٿيڻ: شڪست کائڻ،ھار مڃڻ
” پنھونءَ راٿي پنيو، جانب جوت منجھان،
مومل پسي مات ٿي، حبيبي حسنا.“
(دائودپوٹو،۲۰۰۴ع،ص۷۸)

ماھُ ڳرڻ:ماس جو لھي وڃڻ،ڪمزور ٿيڻ
” وجھل اُنَ وطن جي، منکي ماريو ماءُ،
انئي پھر اداسَ ۾ اڳري ماھ مٿانءِ.“
(دائودپوٹو،۲۰۰۴ع،ص۶۹)بي

مجر ماٽڻ: ساوڪ ماٽڻ،ٻنڍين ٻورن واري زمين حاصل ڪرڻ،فائدو حاصل ڪرڻ
” جنين قرب ڪنڍن سين، مجر ماٽن لاءِ،
پلر پياڪو سپرين، سانگي سلم جا.“
(دائودپوٹو،۲۰۰۴ع،ص۶۹)

نڪ وڍڻ: بي عزتو ٿيڻ،عزت وڃائڻ، بي آبرو ٿيڻ
” نڪ وڍيو تنھ نار جو، جنھ ور ريءَ ويس ڪيا.“
(دائودپوٹو،۲۰۰۴ع،ص۸۷)

نگھ ڪرڻ:نظر ڪرڻ،مھرباني ڪري،ٻاجھ سان ڏسڻ
” ما خلقنا السَّمٰوٰاتِ والارض وّمّا بَينَھُما لا عِبِينَ قلندر،
نگھ ڪَنِّ.“
(دائودپوٹو،۲۰۰۴ع،ص۱۱۹)

نير ٻڌڻ: زنجير پوڻ،قيد ۾ پوڻ،محبت ۾ قابو ٿيڻ
” نانگن نينھ اصل جو، طرفي تات نہ تنِّ،
ٻڌا نيرنينھ ۾، لاھوتي لڏن.“
(دائودپوٹو،۲۰۰۴ع،ص۱۰۷)

واڳون ھٿ ھئڻ: پوري اختياري ھجڻ،نصيب ھٿ ھجڻ،سڀ ڪجھ وس ھجڻ
” آھن آڳي ھٿَ ۾ ، واڳون تَنِ سَيَنِّ،

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19



اختيار ۾ ان جي، سڀ هميشه هَلَنِ.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۹۲)
گولا وس آگن:غلام مالڪ جي وس هوندو آهي.سڀ ڪجھ مالڪ جي وس ۾ هوندو آهي
” وَهوَ القاهِرُ فوقَ عبادہِ: گولا وس آگن،
تنين کي تربيت ڪري، مثل شاگردن.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۹۲)
هٿ ڪرڻ:هٿ وس ڪرڻ،پنهجي ملڪيت بنائڻ،پنهجو ڪرڻ
جيئرا ئي جهان کان، لاهوتي لڌيا،
خالص خيانتن کان، هوتن هٿ ڪيا.“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۷۹)
هر دمهيڪاندا :هر وقت گڏ آهن،ساڻ آهي،گڏ آهي
.” ورفعنا لڪَ ذڪرَڪَ: هردم هيڪاندا،“
(دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۸۰*
هنيون ڪائڻ:دل کي تڪليف رسڻ،ڳڻتيون ۾ انديشا ٿيڻ
” پڄاڻا پريَنَ ،هِنيون ڪڄاڙو ڪاءِ،
ڪُلهي پايو ڪينرو،ڳُڻ پريان جا ڳاءِ.“ (دائودپوٽو،۲۰۰۴ع،ص۲۷۱)

**ڪتابيات**

1 بلوچ، عبدالسّتار، تحقيق ۽ ترتيب، پروفيسر، ڊاڪٽر، غلام علي الانا، تقديم، ۲۰۰۶ع، ”هڪ جلدي - سنڌيڪا لغت“، سنڌيڪا اڪيڊمي.
2 بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، مولف، شيخ محمّد اسماعيل، مددگار، ”هڪ جلدي سنڌي لغت“، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو
3.بلوچ،نبي بخش خان،ڊاڪٽر،2007ع،”جامع سنڌي لغات“،(جلد پنجون)ڄامشورو،سنڌي ادبي بورڊ
4. ٽيڪچنداڻي، روي پرڪاش، ڊاڪٽر، مصنف، ۲۰۱۰ع، ”سنڌي ٻهاڪا: لسانياتي، سماجي، ۽ ثقافتي اڀياس“، سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌ
5.جوکيو، الطاف، ڊاڪٽر ، لغت نويس، ۲۰۲۲ع، ”سنڌي درسي اشتقاقن جو تشريحي لغت“، ميم جيم پبليڪيشن محرابپور ، ضلع نوشهروفيروز
6.جوکيو، الطاف. ڊاڪٽر، مضمون نويس، ۲۰۲۲ع، ”مهراڻ رسالو “سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، سنڌ
7.جوٽيجو، عبد الجّبار، ڊاڪٽر، مصنف، ۲۰۱۰ع، ”زنبيل“، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.
8.جيٽلي،مرليڌر،2004ع،”سنڌي ٻهاڪا ۽محاوراهڪ اڀياس“ڪنڊيارو:روشني پبليڪيشن

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 5, Issue 2, (April to June 2024)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2024(5-II)urdu-19
ماخذ تحقیقی مجلّہ

9. خواجہ، نور افروز، ڊاڪٽر، مصنف، ٢٠٠٥ع، ”پائي پٽ ڪٽا “، گنج بخش ڪتاب گھر ، حيدر آباد سنڌ
10. خواجہ، نور افروز، ڊاڪٽر، مضمون نگار، ١٩٨٩ع، ”سنڌي ادب“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
11.سڏايو، غلام نبي ، ڊاڪٽر، مضمون نگار، ٢٠٠٠ع، ”سنڌي ٻولي“ سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد .
12. ميمڻ، عبد الرّشيد، مصنف، ٢٠٠٦ع، ”سنڌي - انگريزي لغت“، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ حيدرآباد سنڌ .